ٽه ماهي

# سيڊا نيوز ليٽر

سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)

آڪٽوبر 2013 کان مارچ 2014

## سيڊا بورڊ جي گڏجاڻي، وڏي وزير/چيئرمين سيڊا پاران آبپاشي نظام ۾ سڌارن کي سگهارو بڻائڻ جو عزم

سيڊا بورڊ جي 41 هين گڏجاڻي 16 هين ڊسمبر 2013 تي وزيراعليٰ هائوس ڪراچي ۾ سنڌ جي وزيراعليٰ/چيئرمين سيڊا جي صدارت هيٺ ٿي گذري. ان موقعي تي چيئرمين سيڊا چيو ته سيڊا بورڊ جي گڏجاڻي ڪافي وقت کان رٽيل هئي، پر صوبي جي ڪاروهنوار ۾ لڳاتار مصروفيتن سبب وقت ڏيئي نه سگهيس. هن چيو ته سيڊا ۽ آبپاشي کاتي جي باري ۾ شڪايتون ملنديون رهيون آهن، جيڪي سندن پاڻي جي فراهمي خاص طور تي پڇڙي جي آبادگارن تائين پهچائڻ کتب آڻيندي فوري پاڻي نيڪال ڪرڻ جا انتظام ڪيا. ان هوندي به سندس مڃڻ هو ته سيڊا جي ڪارڪردگي کي اڃا به وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. ان ڏس ۾ سيڊا بورڊ جون ٽڪڙيون گڏجاڻيون ۽ سيڊا جي سگهاري نموني سان مالڪي اهم گهرجون آهن. آبپاشي کاتي جي سيڪريٽري چيو ته سندس کاتو سڌارن بابت اڳيرائي تي مطمئن نه آهي، ڇاڪاڻ ته سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊ اڃا تائين پنهنجن فرضن لاءِ پاڻ رقم پيدا ڪرڻ ۽ مالياتي لحاظ کان ڄڻادار ٿيڻ جي لائق نه



سيڊا بورڊ جي گڏجاڻي وڏي وزير/سيڊا جي چيئر مين سيد قائم علي شاهه جي صدارت ۾ ٿي رهي آهي

بابت سندن ڪارڪردگي سان لاڳاپيل هيون. سيڊا جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد احسان لغاري سڌارن جي پروگرام ۾ اڳيرائي جي پسمنظر جي مختصر تعارف ۾ مجموعي پاڻي جي انتظامي ورڇ ۽ خاص طور سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊ جي دائري اختيار جو منظر نامو پيش ڪيو. هن ڄاڻايو ته پاڻي استعمال ڪندڙن ۽ آبادگارن جي پاڻي انتظام توڙي ٻوڏ کان بچاءُ واري انتظام ۾ شرڪت لاءِ سيڊا ڪيتريون ئي ڪامياب ڪوششون ڪيون آهن. هن فورم کي آگاهي ڏني ته 2010ع جي مهاٻوڏ وقت سيڊا سنڌو درياهه جي ڪپن خاص طور قادرپور ۽ گهلياڻ بندن کي محفوظ رکڻ ۾ ڪامياب ويئي. جڏهن ته 2011ع وارين برساتن دوران دستياب وسيلن کي ٿي سگهيا آهن. سيڊا جي آبپاشي علائقي اندر ايريا واٽر بورڊن ۾ پاڻي سان هٿ چراند ۽ چوري ۽ آبيانو جي گهٽ اوڳاڙي جا مسئلا موجود آهن. سنڌ واٽر سيڪٽر امپروومينٽ پروجيڪٽ جي پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر فتح مري چيو ته سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊن ۾ پيشيدار عملي جي ڀرتي سان انهي ادارن جي پنهنجن لاڳاپيل ڪاروهنوار کي اثرائتي نموني سان هلائڻ ۽ نبيرڻ واري صلاحيت ۽ اهليت وڌي آهي، اهم ڳالهه هي آهي ته سول ڪمن لاءِ ڏنل نيڪن واري مرحلي ۾ شفافيت کي ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان، عالمي بئنڪ ۽ سرڪار پڻ مڃيو آهي، هن وقت ٻين اضافي سرگرمين سان گڏ سيڊا جي مالي سهڪار سان سنڌ واٽر سيڪٽر



## سيڊا جي مينيجنگ ڊائريڪٽر جو پيغام

سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) جو تصور سنڌ ۾ پاڻي جي ڳنڍيل نظام وسيلي ڄڻادار ترقي کي هٿي ڏيڻ ۽ زندگي جي معيار ۾ بهتري آڻڻ آهي. جيڪو سڌريل ملڪن مان ورتو ويو آهي، جتي هن تصور ذريعي اهڙا سڌارا متعارف ڪرائڻ بعد گهربل نتيجا حاصل ڪيا ويا آهن.

1997ع ۾ وقت جي ضرورت کي نظر ۾ رکندي سرڪار آبپاشي نظام ۾ سڌارا متعارف ڪرايا. جنهن بعد سنڌ ۾ سيڊا جو بنياد رکيو ويو ۽ نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ ميرپورخاص، ليفٽ بئنڪ ڪينالس ايريا واٽر بورڊ بدين ۽ گهوٽڪي فيڊر ڪينال ايريا واٽر بورڊ گهوٽڪي قائم ڪيا ويا.

هنن سڌارن تحت آبادگارن کي سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊن ۾ نمائندگي ڏني وئي، جڏهن ته شاخن/ مائنرز تي آبادگار تنظيمون (فارمرز آرگنائيزيشنس) ۽ واٽرن تي واٽر ڪورس ايسوسيئيشنس ٺاهيون ويون، جڏهن ته آبادگار تنظيمن کي شاخن کي هلائڻ ۽ انهن جي سار سنڀال (آپريشن اينڊ مينٽيننس) جو ڪم پڻ ڏنو ويو. جيڪي هينئر ڪاميابي سان پاڻي جي ورڇ سميت سمورا معاملا هلائي رهيون آهن.

هنن سڌارن کان اڳ آبادگار آبپاشي جي نظام کان پري هو ۽ صرف پاڻي وصول ڪندو هو پر هاڻي آبادگار پنهنجي نظام تحت پاڻي ۽ آبياني جي وصولي بابت فيصلا پاڻ ڪري رهيا آهن. هنن سڌارن تحت آبادگارن کي اهو احساس ٿيو آهي ته آبپاشي نظام ۾ پاڻي مان اهي فائدو حاصل ڪن ٿا ۽ ان نظام جي سار سنڀال به سندن لاءِ ضروري آهي، جڏهن ته آبيانو پڻ جمع ڪن ٿا ڇو ته ان کانسواءِ شاخن جي ڪاٽي ۽ ٻيا ڪم نه ٿي سگهندا.

هن وقت تائين سيڊا، نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ ميرپور خاص جي حدن ۾ 161، ليفٽ بئنڪ ايريا واٽر بورڊ بدين جي حدن ۾ 93 ۽ گهوٽڪي فيڊر ڪينال ايريا واٽر بورڊ جي حدن ۾ 86 شاخن تي آبادگار تنظيمون جوڙي چڪي آهي ۽ انهن جي مدد سان منڍ کان پڇڙي تائين سمورن آبادگارن کي پاڻي جي منصفاڻي، اثرائتي ۽ وقتائتي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ اڻٿڪ محنت ڪري رهي آهي.

**محمد احسان لغاري**

**مينيجنگ ڊائريڪٽر سيڊا**

امپرو وومينٽ پراجيڪٽ فيز_1 تي عملدرآمد ڪرائي رهي آهي، جنهن ۾ بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو آهي، جنهن جي ڪري عالمي بئنڪ آبپاشي ڊانچي جي ترقي لاءِ اضافي سيڙپ لاءِ راضپو ڏيکاريو آهي، هن وڌيڪ ڄاڻايو تہ وسپ هيٺ ٽين ڌر طور نگراني ۽ پڙتال لاءِ ڪنسلٽنٽ جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن، جن نظام خاص طرح پاڻي جي رسائي پاڻي جي اثرائتي استعمال فصلن جي پوکي ۽ پيدوار جي حوالي کان سڏارن جي رپورٽ ڏني آهي، ان ڪانسواءِ نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ جي ٽر ڊويزن ۾ نصفاڻي پاڻي جي ورڇ تي مقامي آبادگار ڪميونٽي ايريا واٽر بورڊ جي انجنيئر کي ايوارڊ پڻ ڏنا آهن. سنڌ ايوان زراعت جي ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري زاهد حسين پرڳڙي چيو تہ سيڊا پاڻي پڇڙين تائين پهچايو آهي، سيڊا آبادگارن کي رليف پهچايو آهي ۽ اهي انهن علائقن جو پيٽ ۾ بهتر آهن، جيڪي آبپاشي کاتي جي انتظام ۾ اچن ٿا، هن چيو تہ آبپاشي کاتو سيڊا سان سهڪار نٿو ڪري ۽ اهو ايريا واٽر بورڊن ۾ ڪم ڪندڙ پنهنجن انجنيئرن کي اهڙي اجازت نٿو ڏئي، تہ اهي ڊائريڪٽر کي رپورٽ ڪن. وزيراعليٰ جي سيڪريٽري پاڻي جي شعبي ۾ سڏارن جي ڪاميابي ۽ پنجاب ۾ پبلڪ پرائيوٽ ڀاڱي ڀائيواري جي تجربي تي روشني وڌي، هن چيو تہ اهو نئون تجربو آهي اسان کي بہ ان مان فائدو وٺڻ گهرجي ۽ ان کي سنڌ ۾ ٿوري ڦيرڦار سان مقامي ماحول پٽاندڙ عمل ۾ آڻڻ گهرجي، هن شراڪتي آبپاشي انتظامن واري پروگرام جي حق ۾ ڳالهايو. رٿابندي ۾ ترقي کاتي جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) چيو تہ سڏارن وارو پروگرام مضبوط ۽ پاڻي استعمال ڪندڙن جي فائدي ۾ آهي، هن چيو تہ سيڊا 17 سال اڳ قائم ڪئي وئي هئي ۽ ان ڪيترن ئي سياسي حڪومتن کي ڏٺو آهي، پر ڪنهن بہ سرڪار ان جي مالڪي نہ ڪئي آهي، آبپاشي کاتي کي سيڊا سا سهڪار ڪرڻ کپي ۽ ان کي هموار نموني ڪم ڪرڻ ۾ آزاد ڇڏڻ کپي، هن وڌيڪ چيو تہ سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊن ۾ ڪم ڪندڙ عملو اجا تائين آبپاشي کاتي جي انتظامي ڪنٽرول ۾ آهي ۽ کاتو بدلين ۽ مقررين وارا معاملا سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊ جي مشاورت ڪانسواءِ سڌي ريت پاڻ اڪلائي ٿو. وڏي وزير فورم کي ٻڌڻ ڪانپوءِ چيو تہ ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ آبپاشي نظام کي سگهہ بخشڻ لاءِ سڏارن وارو پروگرام هڪ نئون نڪور خيال آهي ۽ سرڪار سدائين سيڊا کي وڌڻ ويجهڻ ۽ پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ مدد ڏيندي آهي، سرڪار سيڊا جي معاملن خاص طور آباگارن جي چونڊن ۾ مداخلت کان پاسو ڪندي آهي. انهي بحث کان پوءِ رٿابندي ۽ ترقي واري کاتي جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري جي سربراهي ۾ هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي جنهن ۾ آبپاشي کاتي جي سيڪريٽري، مئنجنگ ڊائريڪٽر سيڊا، پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر وسپ/ پي سي ايم يو ۽ سنڌ ايوان زراعت جو نمائندو ميمبر طور رکيا ويا، انهي ڪميٽي جي حوالي اها ذميواري ڪئي تہ اهڙي سڏارن جو ماڊل تجويز ڪندي جيڪو سيڊا جي اثرائتي ڪردار ۽ ڪارڪردگي ڏانهن رهنمائي ڪندو. ڪميٽي ان ڏس ۾ تجويزون ٻن هفتن جي وقت ۾ پيش ڪري انهي تجويز تي فيصلن وٺڻ لاءِ الڳ گڏجاڻي سڏائي ويندي. گڏجاڻي ۾ آرڊيننس 2002 تحت سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊن جي چونڊ لاءِ بااختيار چونڊ اليڪشن ڪميٽي، سيڊا لاءِ اضافي امدادي بجيٽ جي منظوري ڏني وئي. گڏجاڻي ۾ سيد قائم علي شاهہ وزيراعليٰ سنڌ/ چيئرمين سيڊا، محترم عارف احمد خان، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) رٿابندي ترقي کاتو، بابر حسين آفندي، آبپاشي سيڪريٽري سنڌ، ڊاڪٽر فتح مري، محترم حسن نقوي، اسپيشل سيڪريٽري ماليات کاتو، محترم حسن نوشاد علي جمالي، نمائندو سيڪريٽري زراعت کاتو، پروفيسر عبدالرشيد ميمڻ اڪيڊمڪ ميمبر ماحول، محترم محمد احسان لغاري، مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيڊا سيڪريٽري ميمبرن جي حيثيت ۾شرڪت ڪئي، جڏهن تہ مبصرن جي حيثيت ۾ محترم زاهد حسين جوڻيجو پراجيڪٽ ڊائريڪٽر وسپ محترم زاهد حسين پرڳڙي، نظير احمد عيساڻي، جنرل مئنيجر ٽرانزيشن سيڊا، محترم نعيم احمد ميمڻ، جنرل مئنيجر ماليات سيڊا ۽ محترم جئي رام موٽواڻي جنرل مئنيجر آپريشن سيڊا شرڪت ڪئي.

## آبپاشي سڌارن جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عورت آبادگار تنظيم جي چيئرپرسن چونڊجي وئي

پاڪستان ۾ آبپاشي سڌارن جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عورت، آبادگار تنظيم جي چيئرپرسن چونڊجي وئي، منڙائو ڪينال مان نڪرندڙ پان شاخ جي آبادگار تنظيم جي ٻيهر چونڊ جهڙي ويجهو پان شاخ جي ايف او آفيس ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ آبادگارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي آبادگارن راحيلا بي بي کي چيئرمين، يونس مرڙاڻي کي وائيس چيئرمين، ڳاهي خان کي سيڪريٽري، نور محمد اوٺو کي خزانچي، ڊاڪٽر مشتاق ميمڻ ۽ نياز محمد گرگيز کي مينيجمنٽ ڪاميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو. آبادگار تنظيم جي چونڊ ۾ سيڊا جي جنرل مئنيجر ٽرانزيشن نذير عيساڻي، نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ جي جنرل مئنيجر افتخار احمد، مئنيجر سوشل موبلائزيشن عبدالرشيد مهر ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نذير عيساڻي خطاب ڪندي چيو تہ اميد ڪريون ٿا تہ ايف او پان مائنر جي نئين چونڊيل باڊي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي اڳتي وڌائيندي ۽ پڇڙي تائين پاڻي پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي. نئين چونڊيل ايف او چيئرمين راحيلا بيبي چيو تہ آبادگارن مٿس اعتماد ڪري ڪيس اهم ذميواري ڏني آهي، جنهن تي هو پورو لهڻ جي ڪوشش ڪندي. هن چيو تہ پڇڙي تائين پاڻي پهچائڻ سندس اولين ترجيح آهي، جڏهن تہ آبادگارن جي مدد سان شاخ جي سار سنڀال بہ بهتر نموني ڪنداسين ۽ آبياني جي اوڳاڙي کي بہ تيز ڪيو ويندو.



پان مائينر جي ٻيهر چونڊ دوران راحيلہ بيبي پنهنجو ووٽ ڏئي رهي آهي

# آبپاشي نظام ۾ سڌارن جي حوالي سان سيڊا جي ڪاميابين جو مثال سڄي دنيا ۾ ڏنو وڃي ٿو: ورلڊ بئنڪ

سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) طرفان حيدرآباد جي هڪ مقامي هوٽل ۾ ورلڊ بئنڪ جي وفد کي آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ ورلڊ بئنڪ جي ٽاسڪ ٽيم ليڊر محمد آزاد، سيڊا جي مينيجنگ ڊائريڪٽر محمد احسان لغاري، ڊاڪٽر بيلي ديجا، واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ (وسپ) جي ڪو آرڊينيٽر ڊاڪٽر فتح مري، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر زاهد حسين جوڻيجو ميڊم نڪي، محمد احسان، سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر جي ايڊيشنل سيڪريٽري زاهد حسين پرڳڙي، سنڌ آبادگار بورڊ جي نائب صدر ميجر رٽائرڊ عمر فاروق، الطاف شيخ، محمود شاهه، سيد نديم شاهه، سهيل مرزا ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي محمد احسان لغاري چيو تہ سنڌي ثقافت قديم ۽ شاهوڪار ثقافت آهي، جنهن جو شمار دنيا جي مهذب ثقافتن ۾ ٿئي ٿو. هن وڌيڪ چيو تہ سيڊا سنڌ جي آبپاشي نظام ۾ سڌارن تي ڪم ڪري رهي آهي، جنهن تحت اختيار هيٺين سطح تائين آبادگارن کي منتقل ڪيا پيا وڃن، هن وقت هڪ ملين کان وڌيڪ آبادگار شراڪتي آبپاشي نظام جو حصو بڻجي پنهنجي شاخن ۽ واٽرن تي پاڻي جي ورڇ، آبياني جي وصولي سميت آبپاشي نظام جي حوالي سان ٿيندڙ فيصلي سازي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. جنهن کي شفاف ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو پيو وڃي. ان موقعي تي ورلڊ بئنڪ جي ٽاسڪ ٽيم ليڊر آزاد چيو تہ مون کي سنڌ اچي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، اجرڪ ۽ ٽوپي سنڌ واسين طرفان ڏنل قيمتي تحفا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ سيڊا آبپاشي نظام ۾ متعارف ڪرايل سڌارن تي سٺو ڪم ڪيو آهي، جنهن جو اسين سڄي دنيا ۾ مثال ڏيون ٿا، هتي جا آباد گار محنتي آهن، ۽ اڪثر زراعت سان سلهاڙيل آهن ان ڪري هن نظام کي مضبوط بڻائي پنهنجي آبپاشي نظام کي مضبوط ۽ پائيدار بڻائي سگهن ٿا. آبادگار اڳواڻ محمود شاهه چيو تہ سيڊا آبپاشي نظام ۾ ايندڙ مسئلن کي جديد ٽيڪنالاجي سان حل ڪري رهي آهي، جيڪا خوش آئند ڳالهہ آهي، اميد آهي تہ سيڊا انهي جذبي سان ڪم ڪندي سنڌ جي آبپاشي نظام کي وڌيڪ مّضبوط بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي . سيد نديم شاهه چيو تہ سيڊا ايندڙ هڪ سو سالن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکي آبادگارن جي صلاح سان ڪم ڪري رهي آهي، جيڪي اسان کي نظر بہ اچي رهيا آهن، جڏهن تہ اڳ ۾ آبادگارن کي اعتماد ۾ وٺڻ بنان ڪم ٿيندا هئا. سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر جي ايڊيشنل سيڪريٽري زاهد حسين پرڳڙي چيو تہ شراڪتي آبپاشي نظام متعارف ڪرائڻ سان آبادگارن ۾ آبپاشي نظام کي قومي اثاثو سمجهڻ جو شعور پيدا ٿيو آهي، جنهن سبب هاڻ آبادگار ان نظام جي سار سنڀال بہ پاڻ ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ اڳ ۾ اها سوچ ۽ شعور نہ هئڻ سبب آبپاشي نظام ڪمزور ٿي ويو هو. پراجيڪٽ ڪو آرڊينيٽر وسپ ڊاڪٽر فتح مري چيو تہ آبادگارن طرفان شراڪتي آبپاشي نظام جي پذيرائي سيڊا جي سموري ٽيم جي ڪاميابي آهي ۽ اها پذيرائي سيڊا جي ٽيم کي وڌيڪ ڪم بهتر ڪرڻ لاءِ همٿائيندي. ان موقعي تي ورلڊ بئنڪ جي مهمانن ۽ آباد گارن کي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا ڏنا ويا ۽ سڄڻ فقير ۽ سندس ٽيم صوفياڻي ڪلام سان گڏ الغوزي، مرلي ۽ چنگ وڄائي خوب داد وصول ڪيو.



ورلڊ بئنڪ کي ڏنل آجياڻي دوران سيڊا جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد احسان لغاري خطاب ڪري رهيو آهي



وسپ تحت لوئر نارا تي ٺاهيل هيڊ ريگيوليٽر

## سانگهڙ، چونڊڪو، ميرپور خاص ۽ عمرڪوٽ کي آباد ڪندڙ نارا ڪينال جي وسپ تحت بحالي

سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ تحت نارا ڪينال جي بحالي جا ڪم پڻ هلي رهيا آهن جيڪي مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهن.نارا ڪينال سکر بيراج مان نڪري ٿو جيڪو خيرپور، سانگهڙ، عمرڪوٽ ۽ ميرپور خاص جي زمينن کي سيراب ڪري ٿو. نارا ڪينال هڪ قدرتي ڪينال آهي، جنهن ۾ پاڻي جو وهڪرو تيز هئڻ سبب پاڻي ڪنارن کي پائي ٿو ۽ مختلف هنڌن تي مٽي کي جمع ڪندو رهي ٿو جنهن سبب آهستي آهستي سندس پاڻي کڻڻ جي صلاحيت ڪمزور ٿي وئي هئي. نتيجي ۾ نارا ڪينال مان پاڻي کڻندڙ ڪينالن ۾ پاڻي جي کوٽ ٿيڻ لڳي ۽ ان جو اثر زرعي آبادي تي پڻ پوڻ لڳو. اهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ تحت اپر ۽ لوئر نارا ڪينال جي بحالي جا ڪم شروع ڪرايا ويا آهن، جنهن ۾ اپر نارا جي آر ڊي 550 تي فال اسٽرڪچر، آر ڊي 585 تي ڊريجنگ، رانٽي ڪينال جي بحالي، اولڊ جمڙائو ڪينال جي هيڊ ريگيوليٽر جي نئين سر تعمير، لوئر نارا ڪينال جي هيڊ ريگيوليٽر جي نئين سر تعمير، لوئر نارا جي آر ڊي 0 کان 165 تائين جي بحالي، لوئر نارا جي آر ڊي 77 کان 101 تي فال اسٽرڪچر جي تعمير شامل آهن، اهي سمورا ڪم آگسٽ 2011 ۾ شروع ڪيا ويا آهن، جيڪي مڪمل ٿيڻ وارا آهن. انهن سمورن ڪمن سان نارا ڪينال جا ور وڪڙ ختم ٿي ويندا، جڏهن تہ پاڻي جي فراهمي بهتر ٿيندي، جنهن سان زرعي اپت ۾ واڌارو ٿيندو.

# سيڊا ۽ ايف اي او پاران آبپاشي نظام ۾ جديت آڻي صلاحيتن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ڪمزورين جي نشاندهي ڪري ان ۾ بهتري آڻڻ جي موضوع تي ورڪشاپ

سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) طرفان، فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائزيشن (FAO) جي سهڪار سان "جديد صلاحيتن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ڪمزورين جي نشاندهي ڪري ان ۾ بهتري آڻڻ" جي موضوع تي تربيتي ورڪشاپ ڪرايو ويو. سيڊا سيڪريٽريٽ ۾ منعقد ڪيل ورڪشاپ ۾ سيڊا جي ايم ڊي محمد احسان لغاري، پراجيڪٽ ڪوآرڊينيشن اينڊ مانيٽرنگ يونٽ (PCMU) جي پراجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر فتح مري، فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائزيشن جي ٽيم ليڊر ڊاڪٽر ييلي ديجا، ايف اي او جي اريگيشن آفيسر روبينا وهاج سميت آبپاشي کاتي، ايريا واٽر بورڊس ۽ زراعت کاتي جي آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايف اي او جي اريگيشن آفيسر روبينا وهاج چيو ته هي ورڪشاپ منعقد ڪرڻ جو مقصد مختلف سطحن تي صلاحيتن جي ترقي جي ضرورت ۽ ضرورتن جي نشاندهي ڪرڻ آهي ته جيئن آبپاشي جو نظام مضبوط ۽ جديد بڻجي سگهي چو ته آبپاشي نظام مضبوط هوندو ته زراعت مضبوط ٿيندي ۽ زراعت جي مضبوطي سان خوراڪ جي ڪمي کي منهن ڏئي سگهبو. ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن مختلف مسئلن جي نشاندهي ڪندي چيو ته قانون تي عمل نه ٿيڻ، فنڊن جي کوٽ، ميرٽ جي لتاڙ آفيسرن ۾ مخلصي جي ڪمي، ڄاڻ تائين پهچ جي کوٽ، پاڻي جي کوٽ ۽ سياسي اثر رسوخ پاڻي جي وقتائتي ۽ برابري جي بنياد تي ورهاست ۾ رنڊڪ آهن، جن کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. زرعي يونيورسٽي جي پروفيسر محمد اسماعيل ڪنڀر چيو ته آبادگارن کي ڄاڻ فراهم ڪئي وڃي، انهن جا ڪراپ ڪموڊٽي گروپس ٺاهيا وڃن ته جيئن اهي پنهنجي پاڄين ۽ ميون کي مارڪيٽ تائين پهچائي سگهن. ان موقعي تي سيدا جي مينيجنگ ڊائريڪٽر محمد احسان لغاري چيو ته اسان سڀني کي پنهنجي ڪمزورين جي نشاندهي ڪري ان کي بهتري آڻڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن ته جيئن اسين پاڻي جي فراهمي بهتر بڻائي سگهون ۽ ماڻهن جا مسئلا حل ڪري سگهون. ڊاڪٽر فتح مري چيو ته هڪڙا اهي مسئلا آهن جن جو حل اسان جي هٿ ۾ ناهي ۽ پاليسي سطح جا آهن، جڏهن ته ڪجهه مسئلا اسان جي پنهنجي هٿ ۾ آهن جن کي اسين بهتر بڻائي پنهنجي اداري کي ترقي وٺرائي سگهون ٿا ۽ معاشري ۾ سٺو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا. روبينا وهاج جو چوڻ هو ته اڄوڪي ورڪشاپ ۾ اهم مسئلا سامهون آيا آهن جن جي حل لاءِ اسلام آباد ۾ ورڪشاپ ڪوٺايو ويندو ۽ اتي پاليسي ٺاهيندڙن سان اهي مسئلا حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي ته جيئن انهن جو حل ڪڍي سگهجي. ڊاڪٽر ييلي ديجا چيو ته هر مسئلي جو حل موجود هوندو آهي ضرورت رڳو ڪوشش جي هوندي آهي، ترقي پذير ملڪ فرانس ۾ ماڻهو امير هوندي به پنهنجي ڪينالن جي ڪاٽي پاڻ ڪندا آهن، جيڪڏهن اسين چاهيون ۽ ڪوششون ڪريون ته اهڙو ماحول هتي به ٿي سگهي ٿو.



اسلام آباد: وفاقي وزير زراعت سڪندر حيات بوسن ايف اي او پاران لڳايل ميلي ۾ سيڊا جي اسٽال تي ميڊيا سان ڳالهائيندي

## فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائزيشن طرفان اسلام آباد ۾ آبادگارن جو ميلو، سنڌ جي وفد جي شرڪت، سيڊا جو اسٽال لڳايو ويو

فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائزيشن طرفان اسلام آباد ۾ آبادگارن جو ميلو منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سيڊا طرفان سنڌ جي آبادگارن جي وفد پڻ شرڪت ڪئي. جن ۾ نارا ڪينال مان زاهد حسين پرڳڙي، چوڌري مقبول، بهزاد احمد، ليفٽ بئنڪ ڪينالس ايريا واٽر بورڊ مان ڪمال خان نوناري، شير محمد، گهوٽڪي فيڊر ڪينال ايريا واٽر بورڊ مان شير محمد مهر، مجيب احمد ۽ ٻيا شامل هئا. جن ميلي ۾ شرڪت ڪري سنڌ ۾ آبپاشي نظام ۾ هلندڙ سڌارن بابت پنهنجا تجربا ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل آبادگارن سان ونڊيا. ان موقعي تي نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ جي ميمبر ۽ آبادگار اڳواڻ زاهد حسين پرڳڙي چيو ته سنڌ ۾ سيڊا جي تحت آبپاشي نظام ۾ سڌارا آندا ويا آهن، جنهن بعد آبادگار آبپاشي نظام سنڀالي رهيا آهن، پاڻي جي ورڇ کان وٺي آبياني جي ڪٽ ۽ وصولي سان گڏ شاخ جي سار سنڀال ۽ بحالي جا ڪم پڻ آباد گار اڳواڻ ڪري رهيا آهن. ميلي ۾ سيڊا جو اسٽال پڻ لڳايو ويو، جنهن سيڊا جي ڪميونيڪيشن اسپيشلسٽ حزب الله مگريو، اسسٽنٽ مينيجر ٽرانزيشن پرويز احمد ٻانڀڻ، سوشالاجسٽ شڪيلا لغاري اسٽال تي ايندڙ مهمانن کي سيڊا جي ڪمن بابت آگاهي ڏني ۽ سيڊا جا نيوز ليٽر، بيگ، پين ۽ ڊاڪومينٽريز جون ڊي وي ڊي تحفي طور ڏنيون. سيڊا جي اسٽال تي ملڪ جي مختلف حصن سان تعلق رکندڙن آبادگارن اچي سيڊا جي ڪمن بابت معلومات ورتي ۽ انهن سيڊا جي ڪم کي ساراهيو. ميلي دوران خوراڪ ۽ زراعت جي صوبائي وزير سڪندر حيات بوسڻ پڻ سيڊا جي اسٽال جو دورو ڪيو ۽ نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ جي ميمبر ڪيس سيڊا جي ڪمن بابت بريفنگ ڏني.



ايف اي او جي ورڪشاپ ۾ روبينا وهاج سيڊا/ آبپاشي ۽ زراعت کاتي جي آفيسرن کي ورڪشاپ ۾ تربيت ڏيندي

# آبادگارن جي سهولت لاءِ سيڊا جو اهم قدم

# شڪايتي مرڪز جو قيام

سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي، ايريا واٽر بورڊن ۽ آبادگار تنظيمن (ايف اوز) جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي شڪايت لاءِ هن نمبر تي مفت فون ڪريو

## 0800-12301

توهان پنهنجي شڪايت سيڊا جي ويب سائيٽ تي ڏنل آن لائين فارم، خط ۽ اي ميل ذريعي يا سيڊا آفيس ۾ روبرو اچي به ڪري سگهو ٿا.

ايڊريس: شڪايتي مرڪز سيڊا سيڪريٽريٽ، سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)، ليفٽ بئنڪ بئراج ڪالوني، حيدرآباد سنڌ

اي ميل: complaint@sida.org.pk فيڪس نمبر: 022-9210081 ويب سائيٽ: www.sida.org.pk

**پاران: سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي، سيڊا، حيدرآباد**



سيڊا طرفان سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ تحت نارا ڪينال تي 3 فال اسٽرڪچر تعمير ڪيا ويا آهن، جنهن سان پاڻي جي فلو جي رفتار کي ڪنٽرول ڪرڻ سان گڏ نارا ڪينال جي لٽجڻ ۽ ڪنارن کي پائڻ کان بچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.




سيڊا طرفان واٽر سيڪٽر امرووومينٽ پراجيڪٽ تحت آبادگار تنظيمن کي سندن شاخن جي بحالي سان گڏ آفيسون پڻ ٺهرائي ڏنيون پيون وڃن ته جيئن اهي پنهنجي آفيس ۾ ويهي تنظيمي، پاڻي جي ورڇ، آبياني جي وصولي سميت ٻين معاملن جا فيصلا ڪري سگهن. مٿي ڏنل تصوير ڪوسڪي مائنر جي آبادگار تنظيم جي آفيس جي آهي.




سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ تحت نارا ڪينال جي بحالي جا ڪم هلي رهيا آهن، جنهن ۾ ڊريجر مشينن ذريعي ان جي هلندڙ پاڻي ۾ ڪاٽي ڪئي پئي وڃي ته جيئن نارا ڪينال ۾ مٽي جا ڍڳا ختم ڪري پاڻي جي فلو ۾ پيدا ٿيل رڪاوٽن کي ختم ڪري سگهجي

# آبادگار پائرو

## خريف جي مند شروع ٿي وئي آهي



# ياد رکـــو

نارا ڪينال ۽ گهوٽڪي فيڊر ڪينال ايريا واٽر بورڊن جي
حدن ۾ سارين جي پوک تي پابندي آهي

**خلاف ورزي جي صورت ۾..........**

- سنڌ حڪومت جون آبپاشي، روينيو ۽ پوليس آفيسرن تي مشتمل ٽيمون ٻيجارو ۽ فصل تباهه ڪرڻ جون مجاز هونديون.
- سندن ماڊيول بند ڪيا ويندا
- جيڪڏهن سارين جو فصل لڪ ڇپ ۾ تيار ٿي ويو ته 5 هزار رپيا في ايڪڙ جي حساب سان ڏنڊ ورتو ويندو.

## فيصلو توهان کي ڪرڻو آهي

سارين جي پوک تي پابندي توهان لاءِ وڌيڪ نآٽو ڪمائيندڙ فصل ڦٽين ۽ ڪمند وغيره جو رستو سدائين لاءِ کليل رکي ٿي ۽ اوهان زمين کي خراب ٿيڻ کان بچائي سگهو ٿا.

جڏهن ته سارين جي پوک سم ۽ ڪلر پيدا ڪري توهان جي ۽ پرپاسي جي زمينن کي ناڪاره بڻائي ڇڏي ٿي، جنهن سان معاشي بدحالي ٿيندي.

**فيصلو اوهان جي هٿ ۾ آهي.**

**پاران: سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)**

## نارا ۾ ليفٽ بئنڪ جي 7 آبادگار تنظيمن طرفان پنهنجي شاخن جي بحالي جا ڪم ڪميونٽي بيسڊ ڪانٽريڪٽ تحت مڪمل

سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ تحت 7 آبادگار تنظيمن ڪي پنهنجن شاخن جي بحالي جا ڪم سندن حوالي ڪري ڇڏيا آهن، جن پنهنجي شاخن جي بحالي جا ڪم ڪميونٽي بيسڊ ڪانٽريڪٽ تحت مڪمل ڪرائي ڇڏيا آهن، جن ۾ ايف او ڪرنا، ٻوئلو، ٻلالاڻي،،ڪنڊيارو، پيان، اصحابو ۽ ڪوسڪي شامل آهن.

نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ ميرپور خاص جي حدن ۾ ايندڙ آبادگار تنظيمن (ايف اوز) ڪنڊيارو، ٻوئلو، ٻلالاڻي، اصحابو، ڪرنا ۽ ليفٽ بئنڪ ڪينالس ايريا واٽر بورڊ بدين جي حدن ۾ هڪ آبادگار تنظيم ڪوسڪي مائنر ڪي ڪميونٽي بيسڊ ڪانٽريڪٽ تحت سندس شاخ جي بحالي جو ڪم سندن حوالي ڪيو ويو. جنهن تحت شاخن جي بحالي جا ڪم لاڳاپيل آبادگار تنظيمن پاڻ ڪرايا. ڪميونٽي بيسڊ ڪانٽريڪٽ جو تجربو سنڌ آن فارم واٽر مينيجمنٽ پروگرام ۾ متعارف ڪرايو ويو، جيڪو ڪامياب رهيو ۽ اها ڳالهه سامهون آئي ته ٺيڪيدارن جي نسبت ۾ آبادگارن پنهنجي شاخن جا ڪم بهتر نموني ڪرايا. جنهن جي ڪري شاخن ۾ پاڻي ڪٽڻ جي سگهه ۾ اضافو ٿيو ۽ پڇڙي تائين پاڻي جي پهچ يقيني بڻجي وئي. واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ ۾ سي بي سي تحت ڏنل شاخن جو ڪم آبادگار تنظيمن بهتر نموني ڪرايو ۽ انهن جي ڪم ڪي مختلف ايجنسين پاران ساراهيو ويو آهي.. هيٺ ڏنل چارٽ ۾ آبادگار تنظيم ڪي ڏنل ٺيڪي، ڪل لاڳت ۽ ڪم جا تفصيل شامل آهن.

| سيريل # | آبادگار تنظيم | معاهدو صحيح ٿيو | ڪم شروع ٿيو | ڪل لاڳت | ڪم مڪمل، سيڪڙي ۾ |
|---|---|---|---|---|---|
| 01 | ڪرنا | 14-12-2010 | 12-1-2011 | 4،024،409 | 100 |
| 02 | ٻوئلو | 14-12-2010 | 26-1-2011 | 4،861،584 | 100 |
| 03 | ڪنڊيارو | 14-12-2010 | 7-2-2011 | 4،823،025 | 100 |
| 04 | ٻلالاڻي | 31-12-2010 | 6-3-2011 | 6،378،148 | 100 |
| 05 | اصحابو | 31-12-2010 | 15-1-2011 | 8،127،268 | 100 |
| 06 | پيان | 18-4-2011 | 1-6-2011 | 8،394،679 | 100 |
| 07 | ڪوسڪي | 31-5-2011 | 18-12-2011 | 6,665,000 | 100 |

## ايف اوز جي انتظام هيٺ شاخن جي بحالي جا ڪم پڇڙين ۾ پاڻي جي فراهمي ۾ بهتري

سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ تحت آبادگار تنظيمن جي حوالي ٿيل 130 شاخن جي بحالي جا ڪم پڻ شامل آهن، جن مان نارا ڪينال، ليفٽ بئنڪ ڪينالس ۽ گهوٽڪي فيڊر ڪينال ايريا واٽر بورڊن جي حدن ۾ 101 شاخن جي بحالي جا اڪثر ڪم مڪمل ٿي ويا آهن . جڏهن ته رهيل ڪم آخري مرحلن ۾ آهن. شاخن جي بحالي جا ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ سروي ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ لاڳاپيل آبادگار تنظيم، ايريا واٽر بورڊ، سيڊا ۽ ڪنسلٽنٽ نمائندا شامل هوندا آهن جيڪي شاخ جو پيدل دورو ڪري آبادگار تنظيم جي نمائندن جي نشاندهي تحت شاخ جا ڪم نوٽ ڪري ان جي جاچ ڪري فني بنيادن تحت جاچ ڪانپوءِ ان ڪي شاخ جي بحالي وارن ڪمن ۾ شامل ڪيو ويندو آهي، هينئر تائين جن شاخن جي بحالي جا ڪم مڪمل ڪيا ويا آهن انهن ۾ شاخن جي ٻنهي ڪنارن تي بيٺل جهنگ، ڪاٺي، ڳوٺاڻن جي پنڌ هلڻ لاءِ موريون، عورتن لاءِ ڪپڙا ڌوئڻ جا هنڌ، هيڊ ريگيوليٽرن جي مرمت/نئين سر تعمير ، جانورن جي پاڻِي پيئڻ لاءِ حوض، ڪنارن تي مٽي جي پرائي ۽ ٻيا ڪم شامل آهن. اهي سمورا ڪم مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ شاخون پنهنجي ڊزائين ڊسچارج موجب پاڻي کڻي رهيون آهن. جنهن بعد پڇڙين مان پاڻي جي کوٽ ختم ٿي رهي آهي ۽ زرعي اپت ۾ پڻ واڌرو اچي رهيو آهي ۽ آبادگارن ۾ خوشحالي اچڻ سان آبياني جي وصولي ۾ پڻ واڌ ٿي آهي.



وسپ تحت حفيظا مائنر جي جي بحالي جي ڪم ڪانپوءِ وارو منظر

سانگهڙ ۾ ايف او ڪنوينشن

## شراڪتي آبپاشِي نظام ڪي مضبوط بڻائڻ لاءِ ايف اوز پنهنجو ڪردار ادا ڪن: آبادگار

سانگهڙ ضلعي جي آبادگار تنظيمن جي عهديدارن مطالبو ڪيو آهي ته اولڊ جمڙائو سان پاڻي جي ورڇ ۾ ماٿيلي ماءُ وارو سلوڪ بند ڪري شاخن ۾ وارا بندي ختم ڪئي وڃي ۽ ايم ڊي سيڊا ڪي ايريا واٽر بورڊن جي حدن اندر ايگزيڪيوٽو انجنيئرن ۽ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرن سميت سمورن ملازمن جي بدلين ۽ مقررين جا اختيار ڏنا وڃن ته جيئن آبپاشي جي سڌارن واري عمل تي ان جي روح مطابق عمل ٿي سگهي. اهڙو اظهار انهن سانگهڙ جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ ڪوٺايل ايف او ڪنوينشن ڪي اڳوڻن خطاب ڪيو. آبادگارن چيو ته آبپاشي سڌارن تحت هي شراڪتي بنيادن تي قائم ٿيل نظام سنو آهي، جنهن ڪي مضبوط ڪرڻ ۽ ان ڪي پائيدار بڻائڻ لاءِ ايف اوز ڪي پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. جنهن ۾ آبياني جي رڪوري، شاخ جي سارسنڀال، ايف او جي آفيس ۽ ايف او جي رڪارڊ ڪي بهتر بڻائڻ سميت سموريون ڪوتاهيون ۽ ڪمزوريون ختم ڪرڻيون پونديون. ان موقعي تي وسپ جي پراجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر فتح مري خطاب ڪندي چيو ته پاڻي چوري هڪ سماجي برائي آهي، جنهن سان آبادگارن جو حق مارجي رهيو آهي، ان ڪي روڪڻ لاءِ اثرائتا اپاءُ وٺڻ گهرجن ۽ ايف اوز ان ڪي ختم ڪرڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪن. ڊائريڪٽر نارا ڪينال غلام مصطفيٰ اڄڻ چيو ته وارا بندي پاڻي جي کوٽ سبب ٿي رهي آهي، جيئن پاڻي وافر مقدار ۾ ايندو وارا بندي ختم ڪئي ويندي، هن چيو ته اولڊ جمڙائو پنهنجي گهرج مطابق پاڻي کڻي رهيو آهي ۽ سمورن ڪينالن ڪي برابري جي بنياد تي پاڻي ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته وارا بندي جو شيڊيول ايس ڊي اوز جي آفيسن ۽ نارا ڪينال جي ويب سائيٽس تان حاصل ڪري سگهجي ٿو.

# عالمي بئنڪ جي وفد جي آبادگار عورتن سان ملاقات

عالمي بئنڪ جي سينئر سوشل ڊولپمينٽ اسپيشلسٽ مس مڪي شهدادپور پرسان ڏتڙو 1 شاخ جو دورو ڪيو ۽ آبادگار تنظيم جي ميمبرن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي سيڊا جو جنرل مينيجر ٽرانزيشن نذير عيساڻي، آبادگار تنظيم جو چيئر مين حبيب بيگ ۽ ٻيا آبادگار پڻ موجود هئا. مس مڪي آبادگار تنظيمن ۽ واٽر ڪورس ايسوسيئيشن جي جوڙجڪ، سرگرمين، اڳيرائي ۽ آبياني جي اوڳاڙي وغيره جو جائزو ورتو ۽ خاص طرح آبادگار تنظيمن جي تنظيمي ڍانچي ۾ عورتن جي نمائندگي ۽ شرڪت تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ان دوران هن چيو ته عالمي بئنڪ شراڪتي آبپاشي نظام لاءِ سنڌ حڪومت جي هر ممڪن مدد ڪري رهي آهي ته جيئن شراڪتي آبپاشي نظام سگهارو ٿي سگهي ۽ آبادگار عورتون پڻ ان نظام جو حصو بڻجي ان ۾ ڪم ڪن.چو ته پاڻي جي انتظامن ۾ عورتن شرڪت ان جي ڪاميابي جي ضمانت ٿيندي ۽ عورتن جي آبادگار تنظيمن ۾ سگهاري نمائندگي سماجي سطح تي منفي توازن ڪي پڻ اپار بخشيندي، آبادگار تظيمن جي عورتن جي هڪ گروپ سان ڳالهائيندي هن چيو ته سيڊا آبادگارن جي صلاحيتن وڌائڻ تي پڻ ڪم ڪري رهي آهي، ان ڪري پاڻي جي انتظام سان لاڳاپيل عورتن جي صلاحيتن وڌائڻ جي ڏس ۾ تربيت جو بندوبست پڻ ڪري ته جيئن اهي اعتماد سان ڪم ڪري سگهن، مس مڪي، ڏتڙو-1 مائينر جي ڪم ڪي خاص طرح انهن پاران

عورتن کي پاڻي واري شراڪتي نظام ۾ همٿائڻ ۽ حصي ڏيڻ کي ساراهيو. آبادگار تنظيمن جي نمائند حبيب بيگ مس مرڪي  کي اجرڪ جي سوکڙي پڻ پيش ڪئي.



ايف او ڏتڙو مائنر جو چيئرمين حبيب بيگ عالمي بينڪ جي وفد کي بريفنگ ڏيندي

## سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ

# سيڊا جي انتظام هيٺ هلندڙ آبپاشي نظام جي بحالي جو منصوبو

سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ فيز ون ٽنهي ايريا وٽر بورڊن نارا ڪينال، گهوٽڪي فيڊر ڪينال ۽ ليفٽ بئنڪ ڪينالس ايريا واٽر بورڊ جي حدن ۾ شروع ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪل لاڳت 175 ملين ڊالر آهي، جنهن ۾ عالمي بئنڪ جو حصو 150.2 ملين ڊالر آهي، جڏهن ته 24.8 ملين ڊالر سنڌ حڪومت جو حصو آهي.

هن پراجيڪٽ جا 4 حصا آهن، جيڪي هيٺ ڏنل آهن:

حصو الف:

ڪميونٽي ڊولپمينٽ، سيڊا، ايريا واٽر بورڊن ۽ ايف اوز جي سگهه وڌائڻ

حصو (ب):

آبپاشي ۽ ڊرينيج جي نظام جي بحالي ۽ بهتري، 130 شاخن، مائنرن، 26 برانچ ڪينالن ۽ ٽنهي ايريا واٽر بورڊن جي 7 مين ڪينالن جي بحالي

حصو (ت)

آبپاشي ۽ نيڪال جي اهم نظام جي سنڀال ۽ بهتري، سکر ۽ گڊو بيراجن جي اپياس ۽ سنڌو دريا جي ڪاٻي پاسي  جي ٻوڏ جي پاڻي جي نيڪال لاءِ منصوبي جي تياري جو اڀياس

حصو(پ)

پراجيڪٽ جي اثرن جي نگراني، تشخيص، فني مدد ۽ سکيا ڏيڻ سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ جو مکيه مقصد ٽنهي ايريا واٽر بورڊن (گهوٽڪي، نارا ۽ ليفٽ بئنڪ) ۾ آبپاشي جي ورڇ کي بهتر ۽ اثرائتي خاص طور تي اعتماد جوڳي ۽ پاڻي استعمال ڪندڙ جي ڀروسي جوڳي بڻائڻ آهي، اهي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ اڳ ۾ ئي هلندڙ آبپاشي سڏارن کي مضبوط ۽ وسيع ڪيو پيو وڃي. آبپاشي نظام کي هڪ منظم نموني سان، مين، برانچ ڪينالس، شاخن ۽ مائنرن جي اهم هائيڊرالڪ جي بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻايو پيو وڃي. جڏهن ته آبپاشي سڏارن تحت آبپاشي نظام جي بقا کي ڊگهي مدي تائين وڌائي ۽ ترقي پذير ادارن جي آپريشن کي بهتر بڻايو پيو وڃي.

سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ جي مڪمل ٿيڻ بعد پراجيڪٽ جي علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي ۾ بهتري ۽ زير زمين پاڻي جي سطح ۾ ڪمي ايندي، اسٽيڪ هولڊرن جي شراڪت سان برابري جي بنياد تي پاڻي جي ورڇ ۽ پاڻي جي فراهمي ۾ بهتري ايندي، انفرا اسٽرڪچر جي بحالي جي نتيجي ۾ پائيدار مالياتي بهتري ۽ پاڻي استعمال ڪندڙن کان قيمت جي وصولي ۾ اضافو ٿيندو، پراجيڪٽ جي علائقي ۾ زرعي پيداوار ۽ آمدني ۾ اضافو ٿيندو ۽ اندازن 4.0 ملين آبادگار فائدو حاصل ڪري سگهندا، پاڻي جو بهتر ٿيل انتظام زرعي پيداوار ۾ اضافي جي قيادت ڪندو، روزگار ۽ مجموعي طور سموري علائقي جي آمدن ۾ 1.837 ملين هيڪٽر يا سنڌ ۾ 30 سيڪڙو کان وڌيڪ آبادي ٿيندي، اڻ سڌي طرح وڌيڪ فائده ٿيندا، نيڪالي جي ضرورت گهٽ پوندي، سيم ۽ ٿور کان مٽي جو بچاءُ ٿيندو، پاڻي جي گندن تلائن ۾ ڪمي ايندي، جنهن سان مڇرن جي پيدا ٿيڻ ۽ بيمارين ۾ گهٽتائي ٿيندي، سم گهٽ ٿيڻ سان روڊن ۽ عمارتن کي سم کان بچائي سگهبو.



بدين: ڪوسڪي مائينر جي نئين ٺاهيل هيڊ ريگيوليٽر جو ڏيک

# کامياب مثال

## سوراهہ مائينر جي آبادگار تنظيم

آبادگار تنظيم سوراهہ مائينر نارا لفٽ سب ڊويزن خيرپور (چونڊڪو) ۾ آهي، اها شاخ نارا ڪئنال جي آر ڊي _260 آر ايس وٽان نڪري ٿي، انهي شاخ جي ڊيگهہ 20 آرڊيون آهي، جڏهن تہ انهي جي ڊسچارج 113.99 ڪيوسڪ آهي، انهي شاخ تي 12 منظور ٿيل واٽر ڪورس آهن، جن تي ڪل آبادگار (ڪاتيدار) 350 آهن، مائينر جي مجموعي ڪيچمينٽ ايريا 3182 ايڪڙ آهي ۽ ان جي پوک لائق ڪيچمينٽ ايريا 2576 ايڪڙ آهي، جيڪا يوسي چونڊڪو تعلقو نارو ۽ ضلعوخيرپور ميرس تائين پکڙيل آهي، هن شاخ تي آبادگار تنظيم جون 2002 ع ۾ جوڙي وئي، جنهن تي 12 واٽر ڪورس هئا. جن جي سمورن آبادگارن تنظيم ۾ شرڪت ڪئي، پهرين مارچ 2003 تي نارا گيٽ وٽ آبادگارن تنظيم ۽ نارا ڪنئال ايريا واٽر بورڊ وچ ۾ آبپاشي اختيارن کي منتقل ڪرڻ وارو معاهدو عمل ۾ آيو. آبادگارن تنظيم جي آفيس شاخ جي منڊ تي موجود آهي، آبادگار تنظيم جي قيام کان اڳ شاخ جي حالت خراب هئي ۽ پڇڙي ۾ پاڻي جي کوٽ هوندي هئي، سيني موگن کي توڙي پاڻي چوري ڪيو ويندو هو ۽ شاخ ۾ لٽيل هئي. ساڳي طرح مينهن ۽ ٻين جانورن شاخ کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. معائني واريون ۽ معائني نہ ٿيندڙ ڪڙون پڻ ٽٽي ويون. آبادگار تنظيم جي جوڙجڪ کانپوءِ انتظامي بورڊ موگن کي توڙي پاڻي ڪٽڻ خلاف سخت قدم کنيا ۽ شاخ جي ڪاٽي جو ڪم شروع ڪيو ساڳي طرح معائني وارين ۽ ٻين ڪڙن کي سڌاري بهتر حالت ۾ آندو ويو ۽ جهنگ ٻوڙا وڍي صاف ڪيا ويا ۽ شاخ جي ٻنهي ڪڙن تي پاڇيون پوکيون ويون، شاخ معروضي حالت ۽ پمپ هائوس ۾ سڌاري کانپوءِ پاڻي جي رسد ۾ واڌ آئي، هن وقت پڇڙي تي موجود سڀ زمينون پوک هيٺ آهن، شاخ آبادگارن تنظيمن جي چيئرمين جو چوڻ آهي تہ آبادگار تنظيم جي جوڙجڪ کانپوءِ لڳ ڀڳ 200 ايڪڙ غير آباد زمين پوک لائق ٿي پئي آهي. ٽئين مدي لاءِ چونڊن کان پوءِ آبادگارن تنظيم شاخ جي منڊ تي آبادگار تنظيم جي آفيس قائم ڪئي وئي آهي، سڄو تنظيمي مالياتي رڪارڊ محفوظ ڪيو ورڪشاپ آبادگار تنظيم فصل جي پيدوار وڌائڻ جي مقصد سان آبادگار تنظيم جي آفيس ۾ پيسٽسائيڊ ۽ زراعت بابت بہ ورڪشاپ منعقد ڪرايا آهن، آبادگارن تنظيم جي انتظامي بورڊ، ڪراچي ۽ سکر مهارت صلاحيت اجاگر ڪرڻ بابت سکيائن ۾ حصو ورتو آهي. آبادگار تنظيم جي جنرل باڊي جي ميمبرن خاص ۽ رفريشر سکيائن ۾ حصو ورتو آهي، جيڪي سيڊا جي فيلڊ ٽيم چونڊنو منعقد ڪرايون. آبادگار تنظيم، جنرل باڊي ۽ انتظامي بورڊ جون توڙي هن سال گڏجاڻيون باقائدي سڏائيندي رهي ٿي ۽ انهن گڏجاڻين ۾ لاڳاپيل مسئلن جي اهم فيصلا ڪيا پئي ويا آهن. آبادگار تنظيم فصل جي ڪٽ ڪرائيندي رهي ٿي ۽ آبپاشي جي اوڳاڙي ڪندي رهي ٿي ۽ اهو آبادگار تنظيم جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائيندي رهي ٿي ۽ ايريا واٽر بورڊ ميرپورخاص کي ڪراس چيڪ جاري ڪندي رهي ٿي.



سيڊا جو مئنيجر سوشل موبلائيزيشن عبدالرشيد مهر سوراهہ مائنر جي آبادگارن نمائندن سان گڏجاڻي ڪندي



سيڊا جو جنرل مئنيجر ٽرازيشن نظير احمد ميمڻ مڇيري مائينر جي آبادگارن سان تربيت دوران ڳالهائيندي

## آبادگار تنظيم مڇيري مائينر لاءِ تربيت جو اهتمام

سنڌ واٽر سيڪٽر امپروومينٽ پروجيڪٽ هيٺ سوشل ڊولپمينٽ سيل، ٽرانزيشن ونگ، سيڊا، ليفٽ بئنڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ جي سهڪار سان، آبادگار تنظيم مڇيري مائينر، ليفٽ بئنڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ لاءِ تاريخ 12هين سيپٽيمبر 2013ع تي "رٿابندي ۽ شاخ کي هلائڻ ۽ ان جي سار سنڀال ڪرڻ" جي عنوان سان هڪ تربيت جو بدين ۾ واقع آبادگار تنظيم جي آفيس ۾ اهتمام ڪيو. جنهن ۾ آبادگار تنظيم جي انتظامي بورڊ ۽ ان سان لاڳاپيل آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تربيت ۾ آبادگارن کي مختلف سرگرمين ۽ شرڪتي طريقن وسيلي وسپ پروجيڪٽ جي بنيادي ڄاڻ، شراڪتي آبپاشي انتظام ۽ آبادگار تنظيمن جي انتظام هلائڻ بابت آگاهي ڏني ويئي. هن تربيت جو مک تربيتڪار مسرور احمد شهواڻي هو جڏهن تہ ساٿي تربيتڪارن ۾ اياز علي خواجہ ۽ غوث لغاري شامل هئا . جڏهن تہ سيڊا جو جنرل مئنيجر ٽرانزيشن نظير احمد ميمڻ خاص مهمان هو.

## آبادگار تنظيم شاهہ بخاري مائينر لاءِ تربيت جو اهتمام

سنڌ واٽر سيڪٽر امپروومينٽ پروجيڪٽ هيٺ سوشل ڊولپمينٽ سيل، ٽرانزيشن ونگ، سيڊا، ليفٽ بئنڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ جي سهڪار سان، آبادگار تنظيم شاهہ بخاري مائينر، ليفٽ بئنڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ لاءِ تاريخ 11هين مارچ 2014ع تي "آبياني جي ڪٽ" جي عنوان سان هڪ تربيت جو ٽنڊي محمد خان ۾ واقع آبادگار تنظيم جي آفيس ۾ اهتمام ڪيو جنهن ۾ آبادگار تنظيم سان لاڳاپيل آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تربيت ۾ آبادگارن کي مختلف سرگرمين ۽ شرڪتي طريقن وسيلي آبياني جي ڪٽ ۽ اوڳاڙيءَ جي ڄاڻ فراهم ڪئي ويئي ۽ تربيتڪارن آبياني جي اهميت کي اجاگر ڪندي، آبادگارن کي ٻڌايو تہ اهي آبياني جي درست ۽ پوري اوڳاڙي وسيلي آبادگار تنظيم کي معاشي طرح پنهنجن پيرن تي بيهاري سگهن ٿا. هن تربيت جو مک تربيتڪار مسرور احمد شهواڻي هو.

# ڏهن آبادگار تنظيمن جون ٻيهر چونڊون ٿي گذريون

گذريل ٽن مهينن دوران ڏهن آبادگار تنظيمن جون ٻيهر چونڊون منعقد ڪرايون ويون. جن منجهان نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ ۾ چار، ليفٽ بئنڪ ڪئنالس ايريا واٽر بورڊ ۾ ٻه ۽ گهوٽڪي فيڊر ڪئنال ايريا واٽر بورڊ ۾ چار ٻيهر چونڊون ڪرايون ويون. آبادگار تنظيمن جا نوان انتظامي بورڊ جوڙيا ويا. اهي چونڊون واٽر مينيجمينٽ آرڊيننس 2002ع جي پوئواري ۾ ۽ آبادگار تنظيمن جي چونڊ ڪميشن جي قائم ڪيل اصولن هيٺ ڪرايون ويون. سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊن جا نمائندا نگران ۽ سهولتڪار جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيا. جڏهن تہ انهن موقعن تي ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ وسپ جا مقرر ڪيل ڪنسلٽنٽ پڻ موجود هئا.

| سيريل نمبر | ايف او جو نالو | آبادگار تنظيمن (ايف اوز) جا نوان چونڊيل انتظامي بورڊ | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | چيئرمين | وائيس چيئرمين | سيڪريٽري | خزانچي | چونڊن جي تاريخ |
| **نارا ڪينال ايريا واٽر بورڊ** | | | | | | |
| 01 | آر ڊي 150 ايل ايس مائنر | يار محمد پنهيرو | بدرالدين بلوچ | علي محمد پنهيرو | محمد جڙيل پنهيرو | 31/1/2014 |
| 02 | ٻرڙ مائنر | منظور حسين پرڳڙي | محمد عارف پرڳڙي | جميل احمد | نبي بخش پرڳڙي | 24/1/2014 |
| 03 | فيض مائنر | پيراڻو ڏاريجو | محمد ڪامل ڏاريجو | گدا حسين ڏاريجو | شجاع محمد ڏاريجو | 24/12/2013 |
| 04 | گهمري مائنر | محمد بچل | محمد حليم | علي محمد | ڏٿي بخش | 7/10/2013 |
| **ليفٽ بئنڪ ڪينالس ايريا واٽر بورڊ** | | | | | | |
| 05 | گوڙچي مائنر | اڪبر علي گجر | غلام رسول لنڊ | محمد حسين | مظهر اقبال | 31_12_2013 |
| 06 | جمالي مائنر | الهبچايو راهوڪڙو | جاويد راهمون | عطا محمد جٽ | انور علي رستماڻي | 13/2 2014 |
| **گهوٽڪي فيڊر ڪينال ايريا واٽر بورڊ** | | | | | | |
| 07 | سنگرار مائنر | حاڪم علي مگسي | سيد نسيم حيدرشاهہ | محمد ابراهيم مگريو | خير محمد مهر | 19/2/2014. |
| 08 | حسيني مائنر | لعل محمد مزاري | محمد شريف مزاري | عبدالمجيد مزاري | محمد لقمان | 21/11/2013 |
| 09 | سانگي مائنر | محمد اصغر | اريبلو خان | علي خان ڪوسو | سردار علي ڪوسو | 27/9/2013 |
| 10 | سباڻي مائنر | وزير احمد مهيسر | ظفرالله ٻرڙو | جهنگل مهيسر | حفيظ احمد انيڙ | 23/1/2014 |


## ايڊيٽوريل بورڊ

سرپرست اعليٰ:

محمد احسان لغاري

چيف ايڊيٽر:

نظير احمد عيساڻي

ايڊيٽر:

حزب الله مگريو

سب ايڊيٽرز:

علي آڪاش

مسرور احمد شهواڻي

هي نيوز ليٽر ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن سيل سيڊا، ليفٽ بئنڪ بئراج ڪالوني حيدرآباد سنڌ طرفان جاري ڪيو ويو آهي.